
CIVIC ACTION TEAMS

# Pakistan Coronavirus CivActs Campaign

بُليٽن نمبر#51
11 اڪتوبر، 2021

اڪائونٽبلٽي ليب پاڪستان پنهنجي پراجيڪٽ ”اسٽريٽننگ ڪميونٽي ريزيلئنس ٽو ڪووڊ-19“ جي تحت يورپي يونين جي مالي ۽ ايشيا فائونڊيشن پاڪستان ۽ خيبرپختونخواهه جي صحت کاتي جي فني معاونت سان ”ڪورونا وائرس سِوِڪ ايڪٽس ڪيمپيئن“ شروع ڪئي وئي آهي. هن مهم جي دوران افواهن، ڪوڙي خبرن ۽ غلط معلومات کي رد ڪري مستند حقيقتن جي جاچ ڪري عوامي آگاهيءَ لاءِ هڪ هفتيوار بُليٽن تيار ڪيو وڃي ٿو. بُليٽن ۾ حڪومتي فيصلا، وئڪسين مهم، ڪميونٽي جو فيڊ بيڪ ۽ تحفظات ۽ عام صحت ۽ ڪووڊ-19 جي چوڌاري گھمندڙ سوالن کي ڏٺو وڃي ٿو. هن مهم جو مقصد خاص طور تي خيبرپختونخواهه ۽ سنڌ جي پنتي پيل طبقن (بشمول نسلي ۽ مذهبي اقليتن، ٽرانسجينڊرز، معذور ماڻهن) ۽ ٻين سهولتن کان محروم طبقن تائين آگاهي ڦهلائڻ آهي. انهن بُليٽنز جو اردو ۽ ٻين علائقائي ٻولين جهڙوڪ پشتو (صوتي بُليٽن) ۽ سنڌي ۾ ترجمو ڪري انهن کي عوام الناس تائين پهچايو وڃي ٿو ته جيئن ڏورانهين علائقن ۾ رهندڙ شهرين ۾ ڪورونا وائرس وبا جي خلاف مزاحمت ۽ مدافعت پيدا ڪري سگهجي. اِهي بُليٽنز آنلائين ۽ آفلائين ذريعن سان لاڳاپيلن جن ۾ سرڪاري ادارا، ڊونرز، شهري ۽ سماجي ادارا شامل آهن، تائين پهچايا وڃن ٿا.

## ڪووِڊ 19 ڊيش بورڊ
(پاڪستان)



گليگٽ بالتيستان
10,348
127
186
10,035

ڪي پي ڪي
175,735
2,077
931
103,105

بلوچستان
33,072
188
350
32,534

اسلام آباد
106,113
2,077
931
103,105

ڪاشمي
34,339
324
739
33,276

پنجاب
435,882
13,959
12,780
409,143

سنڌ
462,466
22,198
7,484
432,784

تصديق ٿيل ڪيسَ — موت — فعال ڪيس — ريڪوريز

| مکمل تصديق ٿيل ڪيسَس | مکمل فعال ڪيس | مکمل موت | مکمل وصولي |
|---|---|---|---|
| 1,257,955 | 42,541 | 28,106 | 1,187,308 |

يورپيئن يونئين جي مالي تعاون سان — accountabilitylab PAKISTAN — محڪمه صحت، خيبر پختونخوا — The Asia Foundation

هن اشاعتي مواد کي يورپئين يونئين جي مالي تعاون کان ممکن بڻايو ويو آهي جيئن هن جي مندرجات کي ذمه داري مکمل طور پر اڪائونٽيبلٽي ليب پاڪستان جي ذمي آهي. ۽ ضروري نه آهي ته يورپئين يونئين هن ۾ پيش ڪيا ويا خيالات کان متفق هجن.

CIVIC ACTION TEAMS

# کروناوائرس ویکسین کی تازہ ترین صورتحال

| ویکسین کی کُل لگائی جانے والی تعداد | سنگل ڈوز | ڈبل ڈوز |
|---|---|---|
| 89,719,686 | 63,046,740 | 32,723,061 |
| گزشتہ 24 گھنٹے: 1,052,572 | گزشتہ 24 گھنٹے: 493,575 | گزشتہ 24 گھنٹے:604,451 |

## حقيقت اور افواهه



**حقيقت**

**ڪووڊ-19 جو ڊيلٽا قسم سان ڳورهاري عورتن لاءِ خطرن ۾ واڌارو ٿي ويو**

**افواهه**

**بهتر مدافعتي نظام جي بدولت ڏکڻ ايشيائي رهاڪو ڪووڊ-19 جو بين جي پيٽ ۾ بهتر مقابلو ڪندا**

ويم ۽ عورتن جي بيمارين لاءِ مخصوص آمريڪي رسالي ۾ شائع ٿيندڙ هڪ نئين تحقيق مطابق ڪووڊ-19 جو ڊيلٽا قسم ڳورهاري عورتن لاءِ اڳي وارن قسمن کان وڌيڪ خطرناڪ آهي. آمريڪي رياست ٽيڪساس جي ڊاڪٽرن دعويٰ ڪئي آهي ته ڪووڊ-19 جي ڊيلٽا قسم جي جنوري 2021 ۾ ابتدا سان اِن کان متاثر ٿيل عورتن جي اسپتال وڃڻ جي شرح 5 سيڪڙو کان وڌي 15 سيڪڙو ٿي ويو آهي. ڊيلٽا قسم جي شديد علامتن کي منهن ڏيندڙ لڳ ڀڳ سڀئي عورتون غير وئڪسين هيون. طبي ماهرن ڳورهاري عورتن يا جيڪي ڪجهه عرصو اڳ ڳورهاريون هيون، تي زور ڏنو آهي ته اُهي پاڻ کي ڪووڊ-19 خاص طور تي اُن جي ڊيلٽا قسم کان تحفظ لاءِ جلد کان جلد وئڪسين لڳرائين

(ذريعو- رائيٽرز)

ڪووڊ-19 جي عالمي وبا جي شروعات کان اج تائين سوشل ميڊيا افواهن سان پري پئي آهي، اهڙن افواهن مان هڪ دعويٰ اها به آهي ته ڏکڻ ايشيا جا رهاڪو دنيا جي بين حصن ۾ رهندڙ ماڻهن جي مقابلي ۾ ڪووڊ-19 جو بهتر مقابلو ڪري سگهن ٿا ڇاڪاڻ ته سندن مدافعتي نظام بهتر آهي. ان دعويٰ کي سچ ثابت ڪرڻ لاءِ ڪوبه ثبوت موجود ناهي ۽ اسان جي خطي ۾ وڏي انگ ۾ ٿيندڙ فوتگيون ثابت ڪن ٿيون ته قوميت جي فرق بنا هر ڪو اِن وائرس کان متاثر ٿي سگهي ٿو. ڪووڊ-19 جي ڊيلٽا قسم اِن جي بين قسمن جي مقابلي ۾ ڏهوڻ تي وڌيڪ خطرناڪ آهي، انڪري ضروري آهي ته توهان ڪووڊ-19 جي وئڪسين لڳرائي پاڻ کي محفوظ رکو.

(ذريعو- اين سي بي آءِ)

يورپيئن يونئين جي مالي تعاون سان

accountabilitylab PAKISTAN

محکمہ صحت، خیبر پختونخوا

The Asia Foundation

هن اشاعتي مواد کي يورپيئن يونئين جي مالي تعاون کان ممڪن بڻايو ويو آهي جيئن هن جي مندرجات کي ذمه داري مڪمل طور پر اڪائونٽيبلٽي ليب پاڪستان جي ذمي آهي. ۽ ضروري نه آهي ته يورپيئن يونئين هن ۾ پيش ڪيا ويا خيالات کان متفق هجن.

## يوٽيوب وئڪسين جي خلاف سمورو مواد هٽائي ڇڏيندو

هڪ تازي پيشرفت مطابق وڊيوز مواد نشر ڪندڙ معروف پليٽفارم يوٽيوب اعلان ڪيو آهي ته اُهو وئڪسين جي خلاف يوٽيوب تي موجود پروپيگنڊا مواد کي هٽائي ڇڏيندو. يوٽيوب وئڪسين جي خلاف مواد اپلوڊ ڪندڙ ۽ صحت جي عالمي اداري جي تسليم ٿيل ڪووڊ-19 وئڪسينز کي خطرناڪ قرار ڏيندڙ معروف اڪائونٽس تي پابندي لڳائي ويندي، ان جي باوجود وئڪسين سان لاڳاپيل ماڻهن جي تجربن تي ٻڌل وڊيوز کي نه هٽايو ويندو. يوٽيوب جا واهپيدارن يوٽيوب وڊيوز جي رپورٽ سيڪشن ۾ وڃي وڊيوز کي "اسپيم يا گمراهه ڪندڙ" جي آپشنز سان گڏ رپورٽ به ڪري سگهن ٿا.

(ذريعو- الجزيره)


## پشاور، خيبرپختونخواهه ۾ پهريون ڊرائيو ٿرو وئڪسينيشن سينٽر قائم

خيبر پختونخواهه خيبر ميڊيڪل يونيورسٽي، پشاور ۾ پنهنجي پهرئين ڊرائيو ٿرو وئڪسينيشن سينٽر جو افتتاح ڪيو آهي. جنهن سان شهرين لاءِ وئڪسين لڳرائڻ سولو ٿي ويو آهي. 50 سيڪڙو آبادي کي وئڪسين لڳڻ سان گڏ خيبر پختونخواهه ڪووڊ-19 جي خلاف جنگ ۾ وڌيڪ بهتر ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو آهي. ماڻهن جي وئڪسين لڳرائڻ جي وڌندڙ تعداد سبب صوبي ۾ ڪووڊ-19 جي بيمار ماڻهن ۽ فوتگين ۾ مسلسل گهٽتائي ٿي رهي آهي. اميد آهي ته ٻيا صوبا به خيبر پختونخواهه جي قائم ڪيل مثال تي عمل ڪندا ته جيئن مجموعي طور تي پاڪستان ان وبا تي ضابطو حاصل ڪري سگهجي.

(ذريعو- دي نيوز)

## ڪرونا وائرس
## وئڪسين
## جا هن وقت تائين سامهون ايندڙ سائيڊ افيڪٽس






يورپيئن يونئين جي مالي تعاون سان

accountabilitylab PAKISTAN

محڪمه صحت، خيبر پختونخوا

The Asia Foundation

هن اشاعتي مواد کي يورپئين يونئين جي مالي تعاون کان ممڪن بڻايو ويو آهي جيئن هن جي مندرجات کي ذمه داري مڪمل طور پر اڪائونٽيبلٽي ليب پاڪستان جي ذمي آهي. ۽ ضروري نه آهي ته يورپيئن يونئين هن ۾ پيش ڪيا ويا خيالات کان متفق هجن.

## پاڪستان ۾ وئڪسين نه لڳرائيندڙ ماڻهن جي خلاف سخت قدمن جي شروعات

جيئن ته اسد عمر اعلان ڪيو هو ته اهڙا وئڪسين نه لڳرائيندڙ ماڻهو جيڪي وئڪسين لڳرائڻ جي اهل عمر جي حد ۾ اچن ٿا، جي خلاف سخت ائڪشن ورتو ويندو. نيشنل ڪمانڊ اينڊ آپريشن سينٽر (اين سي او سي) جي ٽيم اسلام آباد پوليس سان گڏجي اسلام آباد جي مختلف شاپنگ مالز ۽ ٽرانسپورٽ اڏن جو دورو ڪيو ۽ وبا جي خلاف حڪومتي قاعدن ۽ ضابطن جي پابندي نه ڪندڙن تي ڏنڊ لاڳو ڪيو، انهن جي خلاف ايف آءِ آرز درج ڪيون ۽ شاپنگ مالز کي سيل ڪيو. وئڪسين نه ٿيل ماڻهن کي ريل ۽ بسن جون ٽڪيٽون جاري ڪندڙ ماڻهن کي گرفتار به ڪيو ويو جڏهن ته ڪيترن ئي ماڻهن کي موقعي تي سنگل ڊوز وئڪسين به لڳائي وئي.

(ذريعو- بزنس رڪارڊر)

## اين سي او سي 12 سال ۽ ان کان وڏيڪ عمر جي ٻارن کي وئڪسين لڳائڻ جو فيصلو ڪري ورتو

اين سي او سي جي سربراهه اسد عمر اعلان ڪيو آهي ته آڪٽوبر 2021 کان 12 سال ۽ اُن کان وڏيڪ عمر جي ٻارن کي به ڪووڊ-19 وئڪسين لڳائڻ جي شروعات ٿي ويندي. فائزر وئڪسين اسڪولن ۾ مفت دستياب هوندي جنهن کي تربيت يافتا عملو لڳائيندو ته جيئن ٻارن لاءِ اين سي او سي جي سربراهه اسد عمر اعلان ڪيو آهي ته آڪٽوبر 2021 کان 12 سال ۽ اُن کان وڏيڪ عمر جي ٻارن کي به ڪووڊ-19 وئڪسين لڳائڻ جي شروعات ٿي ويندي. وئڪسين لڳرائڻ سولو ٿي سگهي. ان کان اڳ فقط 15 سالن تائين جي ٻارن کي وئڪسين لڳائي پئي وئي پر ملڪ ۾ ڊيلٽا قسم جي وڌندڙ ڪيسن کي نظر ۾ رکندي اين سي او سي فيصلو ڪيو آهي ته ٻارن کي محفوظ رکڻ لاءِ وئڪسين لڳائڻ ضروري آهي. عالمي ماهرن طرفان 12 سالن کان وڏيڪ عمر وارن لاءِ وئڪسين لڳرائڻ محفوظ قرار ڏنو ويو آهي

(ذريعو- ڊان)

## ڪووڊ-19 جي وئڪسين



**12 کان 18 سال جا شهري به هاڻي ڪووڊ-19 وئڪسين لڳرائڻ لاءِ اهل آهن. انهن شهرين کي Pfizer وئڪسين لڳائي ويندي.**

### رجسٽريشن
### (12 سال يا اُن کان وڏي عمر جي شهرين لاءِ)

12 سال يا اُن کان وڏي عمر جا شهري پنهنجو شناختي ڪارڊ نمبر **1166** تي ايس ايم ايس ڪري رجسٽريشن ڪرائي سگهن ٿا، اهو ضروري ناهي ته رجسٽريشن ڪرائيندڙ فرد پنهنجو ذاتي موبائيل نمبر ئي استعمال ڪن، اُهي ڪوبه موبائيل نمبر استعمال ڪري سگهن ٿا. ان کان علاوه وئڪسين لاءِ نمز **جي ويب سائيٽ** تي وڃي آنلائين رجسٽريشن به ڪرائي سگهجي ٿي

**1166** تي پنهنجو شناختي ڪارڊ نمبر ايس ايم ايس ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجي **اصلي شناختي ڪارڊ** سان گڏ پنهنجي ويجهي وئڪسين مرڪز تي وڃي پاڻ کي وئڪسين لڳرائين.

يورپيئن يونئين جي مالي تعاون سان

محڪمه صحت، خيبر پختونخوا

هن اشاعتي مواد کي يورپيئن يونئين جي مالي تعاون کان ممڪن بڻايو ويو آهي جيئن هن جي مندرجات کي ذمه داري مڪمل طور پر اڪائونٽيبلٽي ليب پاڪستان جي ذمي آهي. ۽ ضروري نه آهي ته يورپيئن يونئين هن ۾ پيش ڪيا ويا خيالات کان متفق هجن.

# کي پي ۽ سنڌ ۾ وڏي ويڪسينيشن سينٽر

## سنڌ

### سکھر

| | |
|---|---|
| آءِ ايچ ايس اسپتال ليبر فليٽس | 0715811532 |
| ٽي ايچ پنوعاقل | 0715690500 |
| ٽي ايچ روھڙي - | 0333 7128627 |

### خيرپور

| | |
|---|---|
| راڻيپور | 03347382264 |
| ٺري ميرواهه | 03333960839 |
| تعلقه اسپتال ڪوٽڏجي | 03013582910 |

### شڪار پور

| | |
|---|---|
| ڳوٺاڻو صحت مرڪز، سلطان ڪوٽ | 03337577008 |
| ڳوٺاڻو صحت مرڪز خانپور | 03003131100 |
| ڳوٺاڻو صحت مرڪز، ڳڙهي ياسين- | 03453945330 |

### جيڪب آباد

| | |
|---|---|
| سول اسپتال، جيڪب آباد | 03337341698 |
| تعلقه اسپتال ٺل | 03335765590 |
| ڳوٺاڻو صحت مرڪز ڳڙهي حسن | 03003174277 |

### لاڑڪانه

| | |
|---|---|
| ٽي ايچ ڏوڪري | 03337517256 |
| سي ايم سي اسپتال، لاڙڪاڻو | 03337533685 |
| رتو ديرو | 03453852452 |

## خيبر پختونخوا

### پشاور

| | |
|---|---|
| ڳوٺاڻو صحت مرڪز ريگي- | 03335042588 |
| مدر اينڊ چائلڊ هيلٿ سينٽر متاٿي | 03459146891 |
| پبلڪ هيلٿ اسڪول لاهوري | 03339611020 |

### چارسده

| | |
|---|---|
| بنيادي صحت مرڪز محمد ناري | 03045270647 |
| ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽرس اسپتال | 03339015031 |
| ڳوٺاڻو صحت مرڪز بٽگرام | 03149160346 |

### مردان

| | |
|---|---|
| ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽرس اسپتال مردان | 03005921350 |
| مردان ميڊيڪل ڪامپليڪس | 0333929881 |
| تحصيل هيڊڪوارٽر اسپتال تخت بهائي- | 03339191353 |

### صوابی

| | |
|---|---|
| بنيادي صحت مرڪز، جهنڊا- | 03005921350 |
| بنيادي صحت مرڪز، ڪوٺا- | 0333929881 |
| سي ايچ ڪالو خان- | 03339191353 |

### بری پور

| | |
|---|---|
| سي ڊي ڪوٽ نجيب الله | 03059349975 |
| سول اسپتال ڪَي ٽي ايس | 03330928292 |
| ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽرس اسپتال | 03155046070 |

يورپيئن يونئين جي مالي تعاون سان

محکمہ صحت، خیبر پختونخوا

The Asia Foundation

هن اشاعتي مواد کي يورپئين يونئين جي مالي تعاون کان ممکن بڻايو ويو آهي جيئن هن جي مندرجات کي ذمہ داري مکمل طور پر اکائونٽيبلٽي ليب پاڪستان جي ذمي آهي. ۽ ضروري نہ آهي تہ يورپيئن يونئين هن ۾ پيش ڪيا ويا خيالات کان متفق هجن.

# مان پنهنجي ٽيسٽ ڪاٿان ڪرائي سگهان ٿي/ سگهان ٿو؟

| | |
|---|---|
| اسلام آباد | صحت جا قومي ادارا<br>پارڪ روڊ ، چڪر شهزاد ، اسلام آباد |
| ڪراچي | آغا خان يونيورسٽي اسپتال ،<br>اسٽيڊيم روڊ ، ڪراچي ، سنڌ |
| حيدرآباد | لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل ۽ هيلٿ سائنسز (لمس) ،<br>لبرٽي مارڪيٽ سرڪل ، ويجهو لياقت يونيورسٽي اسپتال ، حيدرآباد ، سنڌ |
| خيرپور | گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ،<br>گمبٽ ، خيرپور ، سنڌ |
| پشاور | حيات آباد ميڊيڪل ڪمپليڪس ،<br>4 فيز 4 حيات آباد ، پشاور ، ڪي پي ڪي |
| مردان | چغتائي ليب<br>ويجهو الفيرز بينڪ ، مردان پوائنٽ ، شمسي روڊ ، مردان ، ڪي پي |
| هري پور | ايسلز ليبز ،<br>ٽي ايم اي پلازا دڪان نمبر 6 ، نزد گرلز ڊگري ڪاليج سرڪلر روڊ هريپور ،<br>ڪي پي ڪي |
| لاهور | شوڪت خانم ميموريل اسپتال ،<br>7 اي بلاڪ آر. 3 ايم اي جوهر ٽائون ، لاهور ، پنجاب |
| ملتان | نشتر اسپتال ،<br>نشتر روڊ ، جسٽس حامد ڪالوني ، ملتان ، پنجاب |
| راولپنڊي | آرمي فورسز انسٽيٽيوٽ آف پيٿولوجي<br>رينج روڊ ، سي ايم ايچ ڪمپليڪس ، راولپنڊي , پنجاب |
| ڪوئٽه | فاطمه جناح اسپتال<br>بهادر آباد ، وحدت ڪالوني ، ڪوئٽه |
| مظفر آباد | عباس انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (اي ايم ايس)<br>امبور ، مظفر آباد ، آزاد ڪشمير |
| گِلگِت | ضلعي هيڊ ڪوارٽر اسپتال<br>اسپتال روڊ ، گلگت ، جي بي |

وڌيڪ شهرن جي ڳولا ڪريوCOVID-19 صحت جو صلاحڪار پليٽ فارم
COVID-19 Health Advisory Platform

توهان اسان سان 0092-333-5873268 تي واٽس ايپ تي رابطو ڪري پنهنجي چوڌاري ڪورونا وائرس بابت ڦهليل ڪنهن افواه ، غلط معلومات يا بي ڪا معلومات اسان کي ٻڌائي سگهو ٿا. اسان پنهنجي ڪورونا وائرس سوايڪٽس ڪيمپيئن جي هفتيوار بليٽنز جي ذريعي انهن افواهن جو خاتمو ڪري مستند معلومات جي آگاهي فراهم ڪنداسين.


يورپيئن يونئين جي مالي تعاون سان
accountabilitylab PAKISTAN
محڪمه صحت، خيبر پختونخوا
The Asia Foundation

هن اشاعتي مواد کي يورپيئن يونئين جي مالي تعاون کان ممڪن بڻايو ويو آهي جيئن هن جي مندرجات کي ذمه داري مڪمل طور پر اڪائونٽيبلٽي ليب پاڪستان جي ذمي آهي. ۽ ضروري نه آهي ته يورپيئن يونئين هن ۾ پيش ڪيا ويا خيالات کان متفق هجن.